ماھوار

# سائنس

UNIVERSITY OF SIND

مئی 1973





بسم الله الرحمن الرحيم

أَلَمْ نَجْعَلِ الْأَرْضَ مِهَادًا ۝ وَالْجِبَالَ أَوْتَادًا ۝
وَخَلَقْنَاكُمْ أَزْوَاجًا ۝ وَجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۝
وَجَعَلْنَا اللَّيْلَ لِبَاسًا ۝ وَجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ۝
وَبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ۝ وَجَعَلْنَا سِرَاجًا
وَهَّاجًا ۝ وَأَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرَاتِ مَاءً ثَجَّاجًا ۝
لِنُخْرِجَ بِهِ حَبًّا وَنَبَاتًا ۝ وَجَنَّاتٍ أَلْفَافًا ۝

”ڇا اسان زمين کي وڇائو نه بڻايو؟ ۽ جبلن کي (زمين جا) ڪلا (ٺاهيو) ۽ توهانجا جوڙا جوڙا پيدا ڪيا، ۽ ننڊ کي توهان لاءِ آرام (جو ذريعو) بڻايو، ۽ رات کي پردو مقرر ڪيو ۽ ڏينهن کي معاش (جو وقت) قرار ڏنو، ۽ توهانجي مٿان ست مضبوط (آسمان) ٺاهيا، ۽ ڪڪرن مان موسلاڌار مينهن وسايو ته، جيئن ان سان اناج، ڀاڄيون ۽ گهاٽا گهاٽا باغ پيدا ٿين.“ (سورة ’النبا‘)

## هن پرچي جا سينگاريندڙ

- **شمس الدين سومرو**
  شاگرد پهريون سال
  گورنمينٽ ڪاليج - دادو
- **رضيه - ايف - ڪريم**
  شعبه نفسيات
  سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو
- **مير محمد - ايم - مهر**
  اسسٽنٽ اينٽا مالا جسٽ
  زرعي تحقيقاتي مرڪز - ٽنڊو ڄام
- **محمد قاسم رنڌ**
  سنڌ انگريڪلچر ڪاليج - ٽنڊو ڄام

## ٻارن جا صفحا

- **محبوب حسين لغاري**
  شاگرد گورنمينٽ هاءِ اسڪول - ڊگهڙي
- **ممتاز علي ميمڻ**
  لاهوري محلو - لاڙڪاڻو
- **محمد عثمان ميمڻ**
  ايم - ايس - سي (فائنل)
  انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري - سنڌ يونيورسٽي
- **اشوڪ ڪمار - ايل - ڏانڪاڏي**
  ليڪچرار انجنيرنگ ڪاليج
  سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو
- **رخسانه ۽ محمد شعيب سهاڳ**
  ٽنڊو ڄام

# You don't have to ask for cement

# Just say

# ZEALPAK

With its superior quality that is internationally demanded of the finest cements, the demand for ·Zeal Pak abroad is on the increase

**ZEAL PAK CEMENT FACTORY LTD.**

HYDERABAD (SIND) PAKISTAN.

NATIONAL 957 F

# سوالنامو

" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي " طرفان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نظرداريءَ هيٺ " قاموس المشاهير سنڌ " (Biographical Dictionary of Sindh) جي عنوان سان هڪ رٿا تي تيزيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي. انهيءَ اهم رٿا هيٺ سنڌ جي ماضيءَ توڙي حال جي مشهور ماڻهن جي سوانح حيات ڏني ويندي. مهرباني ڪري پنهنجي پهرين فرصت ۾ هي سوالنامو پري موڪليندا جيئن هيءَ رٿا وقت سر مڪمل ڪري سگهجي. اها معلومات الڳ ڪاغذ تي به لکي سگهجي ٿي.

---

١- نالو پيءُ جو نالو ۽ ذات ______

٢- عهدو ______

٣- ائڊريس ______

٤- ڄمڻ جو هنڌ ______ (ڳوٺ، شهر، تعلقو، ضلعو، ملڪ)

ڄمڻ جي تاريخ (تاريخ، مهينو، سال) ______

٥- تعليمي لياقتون ______

٦- اعزاز، انعام، وغيره ______

٧- صنف، مضمون ______

٨- تصنيفون ؛ ______

نوٽ :- مهرباني ڪري پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن اديبن، عالمن، شاعرن، سياستدانن، ماهرن وغيره جا نالا ڄاڻايو.

نالو ۽ ائڊريس ______

______

______

ضروري:- هيءُ سوالنامو هيٺين ائڊريس تي ڏياري موڪليندا.

**(ڊاڪٽر غلام علي الانا)**

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر،

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ

ممتاز علي ميمڻ

# چنڊ جي دنيا

**چنڊ** هر ان ننڍي گرهه کي چئجي ٿو جيڪو ڪنهن وڏي گرهه جي چوڌاري گهيرو ڪري، ڦرندو رهي. پر ڪافي وقت کان هي لفظ صرف زمين جي چوڌاري ڦرندڙ سياري جي لاءِ مخصوص ٿي ويو آهي.

چنڊ کي نظام شمسيءَ ۾ اها حيثيت آهي جو هو زمين جي گرد ڦرڻ جي باوجود زمين جي ويجهو آهي ۽ پکيڙ ۾ به زمين جي اٽڪل چوٿين حصي جي برابر آهي. چنڊ جو قطر اٽڪل ۲۱۰۰ ميل آهي.

سائنسدانن جو چوڻ آهي ته چنڊ زمين جو ئي هڪ حصو آهي، جيڪو ڪنهن وڏي حادثي سبب زمين کان جدا ٿي ويو ۽ ان وقت زمين پگهريل حالت ۾ هئي. زمين کان جدا ٿيڻ بعد هي مادو گهڻو پري وڃي نه سگهيو ۽ زمين جي زبردست ڪشش هن مادي تي قابض پئجي ويئي ۽ هن کي به لک ۳۹ هزارن ميلن جي مفاصلي تي روڪي، پنهنجي چوگرد گردش ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ اسان جي زمين تي هزارن ورهن کانپوءِ زندگي وجود ۾ آئي. سر سبز واديون، سدا بهار جهنگل، برف سان ڍڪيل پهاڙ، هزارين ميلن ۾ پکڙيل ميدان ۽ سمنڊ پيدا ٿي ويا، پر چنڊ انهن نعمتن کان محروم رهيو ۽ اهو اڄ به اهڙيءَ حالت ۾ آهي جهڙيءَ حالت ۾ زمين کان جدا ٿيو هو. چنڊ تي ويران ٽڪرين، ريگستانن، اونداهين غارن ۽ ٻرندڙ جبلن کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. هوا، پاڻي، ڪڪرن ۽ برسات کان چنڊ جي زمين بي خبر آهي. اتي هر وقت آسمان مان وڏا "مادا" ڪرندا رهن ٿا جن جي ڪري چنڊ جي زمين تي گهاٽا غار پيدا ٿيندا رهن ٿا. جيئن ته زمين وانگر چنڊ جي چوڌاري ڪو هوا جو پردو ڪونه آهي، انهيءَ ڪري چنڊ جي سطح تي انسان جو گهڻي



وقت تائين رهڻ خطري جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

چنڊ جو هڪ ڏينهن زمين جي چوڏهن ڏينهن جي برابر ٿئي ٿو ۽ رات به اوتري ئي ڊگهي ٿئي ٿي. انهيءَ جو سبب هي آهي ته چنڊ، زمين طرف هڪ ئي رخ سان گردش ڪري ٿو. چنڊ زمين جي چوڌاري هڪ ڦيرو سا ڍا ۲۹ ڏينهن ۾ پورو ڪري ٿو ۽ ايترن ئي ڏينهن ۾ پنهنجي محور جي چوڌاري به گهمي ٿو. ان جو سبب اهو ئي آهي جو چنڊ جو صرف هڪ ئي رخ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چوڏهين جو چنڊ ايترو روشن ٿئي ٿو جو اسان دوربينيءَ کانسواءِ آسانيءَ سان ان جا داغ به ڏسي سگهون ٿا. اهي اصل ۾ چنڊ جا وڏا ميدان ۽ بيابان آهن، جن کي ڪنهن زماني ۾ سمنڊ سمجهيو ويندو هو. چنڊ جا اهي حصا جيڪي روشن نظر اچن ٿا، اهي ٻرندڙ جبل آهن، جيڪي سج جي روشني ۽ حرارت جذب ڪرڻ بعد زمين ڏانهن موٽائي ڇڏين ٿا.

چنڊ تي پاڻي بلڪل نه آهي، چنڊ جي جبلن




NATIONAL 877-G

محمد عثمان ميمڻ

# آواز ←(تجربن سان ثابت ڪيل حقيقتون)

## ريزوننس جو مظهر اڻڇهيل شين کي به لرزش ۾ آڻي ٿو (Resonance causes untouched objects to vibrate)

جيڪڏهن اوهان پنهنجيون اکيون بند ڪري پينگهي ۾ چڙهيل ڪنهن ماڻهوءَ کي لوڏو ڏيندا ته عين ممڪن آهي ته اوهين پينگهي کي تکي لوڏي ڏيڻ جي بجاءِ اهڙو لوڏو ڏيو جو پينگهو بيهي رهي، پر جيڪڏهين اوهين جيڪي ڪريو ٿا سو ڏسي رهيا آهيو ته پوءِ پينگهي کي موزون وقتن تي آهستي آهستي ڌڪن ڏيڻ سان تکو هلائي سگهو ٿا.

اهڙيءَ ساڳيءَ طرح اوهين ميز تي پيل ڪنهن شئي کي يا پٽ ۾ ٽنگيل تصوير کي بنا ڇهڻ جي لاڳيتا ڌڪا ڏيئي سگهو ٿا. اهو هيئن جو جيڪڏهن ڪنهن شئي کي ڌڪ هڻي منجهانئس آواز پيدا ڪبا ته انهن جي وسيلي پڻ ۾ پيل شئي بنا ڇهڻ جي به لوڏا کائيندي. هن قسم جي قدرتي مظهر کي ”ريزوننس“ چئبو آهي. هر شئي پنهنجي بناوت مطابق ڪنهن خاص Frequency تي آسانيءَ سان جنبش ۾ اچي سگهي ٿي.



شڪل نمبر ۱۵

هن فريڪئنسيءَ کي ان شئي جو ”قدرتي عرصو“ (Natural period) چئجي ٿو.

اوهان پيانو ته ڏٺو هوندو. هيءُ هارمونيم وانگر هڪ ساز ٿيندو آهي. پيانو جو ڀڙ ڪٽي ان تي ڪو سر پيدا ڪريو. جڏهن پيانو وڄائڻ بند ڪندا ته اهو ممڪن آهي ته ان جون هڪ ڪان وڌيڪ تارون لڏنديون نظر اچن. هي تارون حقيقت ۾ اهڙيون تارون آهن جيڪي هوبهو اهڙو سر پيدا ڪن ٿيون جيڪو اوهان وڄايو هوندو.

هاڻي هڪڙو تجربو ڪريو. پنهنجي ڪنهن دوست کي چئو ته اهو ڪا خالي بوتل پنهنجي ڪن تي اهڙيءَ طرح جهلي جو بوتل جو منهن ڪن جي سوراخ جي مٿان اچي پر اهو بلڪل ڍڪجي نه وڃي (جيئن شڪل ۱۴ ۾ ڏيکاريل آهي) هاڻي اوهين ٻيءَ بوتل جي منهن وٽ اهڙيءَ طرح ڦوڪ ڏيو جو بوتل مان آواز نڪري. اهو ياد رکو ته اهي ٻئي بوتلون هوبهو هڪ جهڙيون هئڻ گهرجن. (ڪوڪاڪولا جون ٻه بوتلون اهڙو ڪم ڏيئي سگهن ٿيون) اوهين جڏهين پنهنجي بوتل کي ڦوڪ ڏيئي ان مان آواز پيدا ڪندا ته اوهان جي دوست جي هٿ واريءَ بوتل ۾ موجود هوا ان آواز جون لهرون جهٽيندي ۽ ان بوتل ۾ به آواز پيدا ٿيندو جيڪو اوهان جو دوست ٻڌي سگهندو. هي آواز جهيڻو هوندو پر هوبهو اهڙو جهڙو اوهان پنهنجي بوتل مان پيدا ڪيو هوندو.



شڪل نمبر ۱۴

اوهين ڪڏهين سمنڊ جي ڪناري تي وڃو ته

اتان کوڏ يا ستي کڻي پنهنجي ڪن تي رکي سمنڊ جي گجگوڙ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪريو. اوهان کي هڪڙو خاص آواز ڏاڍيان ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو آواز گجگوڙ جي جي گڏيل آوازن مان هڪڙو اهڙو آواز آهي جيڪو کوڏ يا ستيءَ جي قدرتي آواز سان مطابقت رکي ٿو. اهڙيءَ طرح بوتلن، برنين يا خالي دٻن کي ڪن تي رکڻ سان ٻه ساموندي گجگوڙ جهڙو خاص آواز وڌو ٿي ٻڌڻ ۾ ايندو.

## آواز پيدا ڪندڙ ٽيوب ڪيئن ٺاهجي؟

ريزوننس واري اصول تي اسين آواز پيدا ڪندڙ ٽيوب ٺاهي سگهون ٿا. هن اوزار ٺاهڻ لاءِ اوهان کي هڪ اهڙيءَ ٻنهي پاسن کان کليل نليءَ جي ضرورت پوندي جنهن جي ڊيگهه ١٦ انچ هجي ۽ قطر سوا انچ هجي (ڏسو شڪل ١٥) ڏاتو جي جاري اهڙيءَ طرح گول ڪٽيو جو ٽيوب ۾ پوريءَ طرح پئجي سگهي. جاريءَ کي سرڪائي ٽيوب ۾ اهڙيءَ طرح بيهاريو جو ٽيوب جي هيٺين پاسي کان چار انچ مٿي هجي. جاري کي هڪ هنڌ بيهارڻ لاءِ جيڪڏهين ٻن تارن سان جهلڻو پوي ته ائين به ڪريو. هاڻي ٽيوب کي اپو جهلي بنسن برنر سان جاريءَ جي وچ کي تپائي گاڙهو ڪريو. اوهين جڏهين ٽيوب کي شعلي کان پري ڪندا ته اهو آواز پيدا ڪرڻ شروع ڪندو.

## آواز جون لهرون هڪٻئي ۾ رڪاوٽ ڪيئن ٿيون پيدا ڪن؟

آواز جي لهرن ۾ ڌڪڻ ۽ ڇڪڻ (Pushes and Pulls) جو اهڙو سلسلو آهي جيڪو آواز کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائيندڙ ذريعي (Medium) جي ماليڪيولن کي اڳتي ۽ پوئتي ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿو. آواز جون ڪيتريون ئي لهرون هڪ ئي وقت هوا مان گذري سگهن ٿيون. جيڪڏهن ساڳيءَ فريڪئنسيءَ واريون ٻه لهرون هڪ ئي وقت اسان جي ڪن جي پردي کي اهڙيءَ طرح پهچن جو هڪ پردي کي ڇڪ ڏئي ۽ ٻي ڌڪو ڏئي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ اهو اسين هيئن ڪري سگهون ٿا جو ساڳي شي مان آواز پيدا ڪري ان کي ٻن حصن ۾ اهڙيءَ طرح ورهايون جو هڪ حصو هڪڙي رستي کان اسان تائين پهچي ۽ ٻيو حصو ٻئي رستي کان. جيڪڏهين هڪڙو رستو ٻئي کان ٿورو وڌو آهي ته پوءِ آواز جون لهرون هڪ ٻئي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري سگهن ٿيون ۽ اهڙي طرح آيل آواز يا ته صفا ٻڌڻ ۾ نه ايندو يا تمام جهيڻو ٻڌڻ ۾ ايندو. هي تجربو اوهين هن ريت ڪري سگهو ٿا. T جي شڪل جو هڪڙو شيشي جو ٽيوب کڻي ان جي ٻن ٻانهن ۾ هڪ جيڏي ڊيگهه واريون ٻه رٻڙ جون نليون وجهو (ڏسو شڪل ١٦). رٻڙ جي نلين جا کليل منهن پنهنجي واچ جي مٿان رکو ۽ T ٽيوب جي کليل ٻانهن پنهنجي ڪن تي رکو. اوهان کي واچ جي ٽڪ ٽڪ تمام چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ايندي. ٻنهي نلين مان ٽڪ ٽڪ جو آواز ساڳئي وقت ڪن جي پردي تائين پهچي ٿو ان ڪري زور سان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. رٻڙ جي هڪڙيءَ نليءَ کي ننڍو



شڪل نمبر ١٦



شڪل نمبر ١٧

آٿي ڏيندو آهي ۽ اوهين ان نليءَ وسيلي شربت چوسيندا آهيو. اهڙيءَ نليءَ جي وسيلي اوهين آواز جو تجربو ڪري سگهو ٿا. نليءَ جي هڪ چيڙي ڪي اهڙيءَ طرح چيرو جو ان جي پتين ۾ تمام ٿورڙو مفاصلو وڃي بچي. هاڻي نليءَ جي چپيل پاسي کي اهڙيءَ طرح ڪٽيو جيئن شڪل ١٨ ۾ ڏيکاريل آهي. چپيل پاسي کي هڪ دفعو وري چپيو. هاڻي چپيل پاسو وات ۾ ڏيئي ڦوڪ ڏيو. هڪ خاص قسمن جو آواز پيدا ٿيندو. آواز جي نموني بدلائڻ لاءِ نليءَ کي ننڍو ڪندا وڃو. هر دفعي اوهان کي مختلف قسمن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا. اوهين پاڻي جي نلين مان بہ هڪ سادو ساز ٺاهي سگهو ٿا (شڪل ١٩). پاڻي جون اٺ نليون کڻي ان کي پاڻي جي سوراخن مان لنگهائي هڪ هنڌ ٻيهاريو. شربت پيئڻ واريون ڪاغذ جون نليون کڻي هڪ نہ ٻيءَ پاڻي جي نليءَ ۾ وجهو. نلين تي چپ رکي ڦوڪ ڏيندا تہ آواز پيدا ٿيندو. هن ساز کي باجي وانگر وڄائيندا تہ مختلف سرن وارا آواز پيدا ڪري وڃندو.



شڪل نمبر ١٨





شڪل نمبر ١٩

هڪ ٻئي تجربي ۾ سوڊا جون اٺ بوتلون کڻي انهن کي قطار ۾ ٻيهاريو. بوتلن ۾ پاڻيءَ جو جدا جدا مقدار وجهو (ڏسو شڪل ٢٠) هنن بوتلن جي چوٽين وٽان هوا ڦوڪڻ سان انهن مان مزيدار آواز پيدا ڪري سگهجن ٿا. اها ڳالهہ ياد رکو تہ بوتل ۾ جيترو پاڻي وڌيڪ هوندو اوترو هوا جو ڪالم ننڍو ٿيندو ۽ آواز زور سان ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو ساڳيو تجربو آزمائشي نلين جي وسيلي بہ ڪري سگهو ٿا. هن لاءِ بہ اٺ آزمائشي نليون کڻيون پونديون آهن.

شڪل نمبر ٢١





شڪل نمبر ٢٠

اوهين هڪڙو ٻيو ساز بہ ٺاهي سگهو ٿا. ٻہ اهڙيون آزمائشي نليون کڻو جن مان هڪڙي نلي ٻيءَ نليءَ ۾ آسانيءَ سان پهچي سگهي ۽ ان ۾ هيٺ مٿي سري سگهي (شڪل ٢١). سوڙهيءَ نليءَ جو بنديل پاسو روات سان ڪني ان جي منهن کي ڪوليو. هاڻي سوڙهي نلي ويڪريءَ ۾ اندر وجهو. سوڙهيءَ نليءَ جي منهن وٽ ڦوڪ ڏيئي آواز پيدا ڪري سگهئي وقت ان کي ويڪريءَ نليءَ جي اندر هيٺ مٿي ڪبو تہ مختلف سرن جو آواز پيدا ٿيندو. اهو هن ڪري آهي جو سوڙهيءَ نليءَ کي ويڪريءَ جي اندر هيٺ مٿي ڪرڻ سان هوا جو ڪالم ننڍو وڏو ٿئي ٿو، ان جي نتيجي ۾ آواز جا مختلف سر نڪرن ٿا.




رخسانه سهاڳ - ٽنڊوڄام

# کيميائي باغيچا

## (١)

اوهان گهرن ۾ يا وري شهرن ۾ ميونسپالٽيءَ جا باغيچا ته ڏٺا هوندا جن ۾ قسمين قسمين رنگ برنگي گل ڦل ۽ ميوا به هوندا آهن. اچو ته اسين هڪ ڪيميائي باغيچو ٺاهيون، جنهن جا گل ۽ ميوا ته دل کي وڻندڙ آهن پر سنگهڻ يا کائڻ جي لائق نه آهن.

**گهربل شيون:-** ١- شفاف شيشي جو ٿانو، (جڳ يا ٽب) ٢- صاف واري اٽڪل ٻه سير. واريءَ مان مٽي ڪڍڻ لاءِ پهريائين واريءَ کي سنهي ڪپڙي ۾ ويڙهيو ۽ نلڪي جي لاٽ هيٺان رکو ۽ ٿوري ٿوري وقفي کانپوءِ هلائيندا رهو. واريءَ ۾ موجود مٽي ٿوري دير کانپوءِ ڳري ويندي ۽ نج واري وڃي بچندي.

٣- نيلو توتو (Copper Sulphate) اٽڪل ڏه گرام

٤- اليومينيم جا ٽڪر (Aluminium Foils) ٥ گرام (انجيڪشن جي بوتل مٿان لڳل اليومينيم جا ٻوچ به ٽڪر ڪري استعمال ڪري سگهجن ٿا).

٥- لوهي ڪوڪا هڪ انچ ڊگها، ڏه عدد.

٦- سوڊيم سليڪيٽ (Sodium Silicate) اٽڪل ١٥ گرام، ٻه سو ملي لٽر پاڻيءَ ۾ ڳاريل.

**طريقو:-** سڀ کان پهرين واريءَ جو اٽڪل هڪ انچ جو تهه شفاف ٿانو ۾ پکيڙيو ۽ پوءِ لوهي ڪوڪا، اليومينيم جا ٽڪر ۽ نيلو توتو (ٻن ٽن داڻن جون چنگيون) ٿوري ٿوري مفاصلي تي واريءَ اندر ٽنبي ڇڏيو. پوءِ واريءَ جي مٿان اٽڪل اڌ انچ سان سڀ شيون ڍڪي ڇڏيو. هاڻي مٿان سوڊيم سليڪيٽ جو ڳار آهستگيءَ سان پلٽي ڇڏيو ۽ ٿانو کي چار ڏينهن ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ رکي ڇڏيو ته جيئن ڪو انهيءَ کي لوڏي نه سگهي. چئن ڏينهن کان پوءِ تمام احتياط سان انهيءَ ٿانو کي نل جي هيٺان رکو ۽ نلڪي جو وهڪرو ايترو رکو جيئن ٿانو ۾ موجود شين ۽ باغيچي ۾ چر پر نه ٿئي. آهستي آهستي اٽڪل ٽن ڪلاڪن ۾ اوهان ڏسندو ته باغ مٿان ڏنڊ ختم ٿي ويو آهي ۽ صاف باغيچو پيو نظر اچي.

## (٢)

شعيب سهاڳ- ٽنڊوڄام

هن باغيچي ٺاهڻ لاءِ هيٺين شين جي ضرورت آهي.

١- اٽڪل سير کن مقدار جو شفاف شيشي وارو جڳ.

٢- اڌ پاءُ ليڊ ايسيٽيٽ (Lead Acetate)

٣- جست (Zinc) جا ننڍڙا ٽڪر ڏه عدد

سڀ کان پهريائين اٽڪل ٨-٧ سو ملي ليٽر پاڻيءَ ۾ ليڊ ايسيٽيٽ ڳاريو ۽ پوءِ جڳ ۾ وجهو. جڳ مٿان هڪ ننڍي ڪاني رکو ۽ انهيءَ ڪانيءَ مان سنهي ڌاڳي وسيلي جست جا ٽڪرا، جڳ ۾ موجود ليڊ ايسيٽيٽ جي ڳاري ۾ ايتري اونهائيءَ تائين لڙڪايو جيئن جست جا ٽڪر مس ٻڏل رهن. انکانپوءِ جڳ کي ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو. ٻن ڏينهن ۾ اوهين ڏسندا ته جڳ ۾ وڻ پيدا ٿيا آهن.

Registered No. S-2956

MONTHLY **Science** MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 3 | MAY 1973 | No. 5




Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Ghulam Ali Allana, Manager, Monthly "Science", Institute of Sindhology, University of Sind, Sind.